SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ ايڪٽ نمبر IV مجريہ 1990
SINDH ACT NO.IV OF 1990
سنڌ مالیات ایکٹ، 1990
THE SINDH FINANCE ACT, 1990
فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. وصف
Definition

3. 1860 جي ايڪٽ XXI جي ترميم
Amendment of Act XXI of 1860

4. 1870 جي ايڪٽ VII جي ترميم
Amendment of Act VII of 1870

5. 1899 جي ايڪٽ II جي ترميم
Amendment of Act II of 1899

6. 1977 جي سنڌ آرڊيننس XVII جي منسوخي
Repeal of Sindh Ordinance XVII of 1977

7. 1978 جي سنڌ آرڊيننس XIII جي ترميم
Amendment of Sindh Ordinance XIII of 1978

8. وڊيو فلم ڊيلر لاءِ لائسنس
License for Video Film Dealer

9. ڏنڊ

Penalty

10. سول عدالتن ۾ مقدمن تي پابندي

Bar of Suits in Civil Court

11. قاعدا جوڙڻ جو اختيار

Power to make rules

سنڌ ايڪٽ نمبر IV مجريہ 1990
SINDH ACT NO.IV OF 1990
سنڌ مالياتي ايڪٽ، 1990
THE SINDH FINANCE ACT, 1990

[8 جولاءِ 1990]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ ڪجهہ ڊيوٽيز ۽ فيس کي معقول بڻايو، وڌايو ۽ لڳايو ويندو.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ صوبي ۾ ڪجهہ ڊيوٽيز ۽ فيس کي معقول بڻائڻ، وڌائڻ ۽ لڳائڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

ان کي هن ريت عمل ۾ آندو ويندو.

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ مالياتي ايڪٽ، 1990 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور ۽ پهرين جولاءِ 1990 کان لاڳو ٿيندو.

وصف
Definition

2. هن ايڪٽ ۾، جيستائين ڪجهہ مفهوم ۽ مضمون جي متضاد نہ هجي، تيستائين:

(a) "حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛

(b) "بيان ڪيل" مطلب قاعدن ۾ بيان ڪيل؛

(c) "قاعدا" مطلب هن ايڪٽ تحت جوڙيل قاعدا.

1860 جي ايڪٽ XXI جي ترميم
Amendment of Act XXI of 1860

3. سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ سوسائٽيز رجسٽريشن ايڪٽ، 1860 ۾:

(i) دفعہ 3 ۾، لفظ "پنجاهہ روپيا" لاءِ لفظ "هڪ هزار ۽ پنج سئو روپيا" کي متبادل بڻايو ويندو.

(ii) دفعہ 19 ۾، لفظ "هڪ روپيو" لاءِ لفظ "۽ سئو

رپيا" ۾ لفظ "۽ آنا" لاءِ لفظ "ڏهه رپيا" کي متبادل بڻايو ويندو.

4. سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪورٽ فيس ايڪٽ، 1870 ۾، پهرين شيڊول جي آرٽيڪل 1 ۾: | 1870 جي ايڪٽ VII جي ترميم Amendment of Act VII of 1870

(a) شق (iii) جي ڪالم 3 ۾، لفظ "ٽيهه هزار رپين کان وڌيڪ" لاءِ لفظ "ٽيهه هزار رپين کان وڌيڪ پر ڇهه لک رپين کان وڌيڪ نه" کي متبادل بڻايو ويندو.

(b) شق (iii) مٿي ڇاڻايل طريقي ترميم ڪانپوءِ، هيٺين شق شامل ڪئي ويندي:

(iv) ڇهه لک رپين کان وڌيڪ هجي تہ، پهرين هزار جي سادا ست سيڪڙو برابر، واڌو اوڻٽيهه هزار رپين جي پنج سيڪڙو برابر، واڌو پنج لک ۽ ستر هزار رپين جي ادائي سيڪڙو برابر ۽ رهيل ملهه جي ۽ سيڪڙو برابر.

5. سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ استيمپ ايڪٽ، 1899 جي شيڊول I ۾: | 1899 جي ايڪٽ II جي ترميم Amendment of Act II of 1899

(1) آرٽيڪل 22 ڪانپوءِ، هيٺيون نئون آرٽيڪل شامل ڪيو ويندو:

"22_A. ٽيڪو، جنهن جو مطلب اهڙو دستاويز جيڪو يادداشت نامي جي صورت ۾ هوندو يا حڪومت، ڪارپوريشن، لوڪل باڊي، لوڪل اٿارٽي، ايجنسي يا تنظيمي سيٽ اپ يا وفاقي يا صوبائي حڪومت جي ضابطي هيٺ، ڪنهن ٽيڪيدار جو ڪيل معاهدو.

(a) ڪوڪم ڪرڻ:

(i) جتي ٽيڪي جي رقم پنجاهه هزار	هڪ سئو رپيا

رپين کان وڌيڪ نہ هجي:	
(ii)جتي اها پنجاهہ هزار رپين کان وڌيڪ هجي پر پنج لک رپين کان وڌيڪ نہ هجي:	پہ سئو رپيا
(iii)جتي اها پنج لک رپين کان وڌيڪ هجي پر پندرنهن لک رپين کان وڌيڪ نہ هجي:	پنج سئو رپيا
(iv)جتي اها پندرنهن لک رپين کان وڌيڪ هجي پر ويهہ لک رپين کان وڌيڪ نہ هجي:	ست سئو ۽ پنجاهہ رپيا
(v)جتي اها پنجويهہ لک رپين کان وڌيڪ هجي:	هڪ هزار رپيا
(b)اسٽورس ۽ سامان فراهم ڪرڻ:	ٽيڪي جي رقم جي هر سئو رپين يا ان جي حصي لاءِ پنجويهہ پئسا."

(2)آرٽيڪل 23 ۾:

(a) شق (a) جي ڪالم 2 ۾، لفظن "اٺ رپيا" لاءِ لفظن "نو رپيا" کي متبادل بڻايو ويندو.

(b)شق (b) جي ڪالم 2 ۾، لفظن "ڇهہ رپيا" لاءِ لفظن "ست رپيا" کي متبادل بڻايو ويندو.

(3)آرٽيڪل 28 جي ڪالم 2 ۾، لفظن "هڪ رپيو" لاءِ لفظن "پنج رپيا" کي متبادل بڻايو ويندو.

(4) آرٽيڪل 47 ۾:

(1)پيرا A ۾:

(a) ذيلي پيرا 1 جي شق (i) ۽ (ii) جي ڪالم 2 ۾ لفظ "ڏهه پئسا" لاءِ لفظ "ٽيهه پئسا" ۽ لفظ "پنج پئسا" لاءِ لفظ "پندرنهن پئسا" کي متبادل ٻڌايو ويندو.

(b)ذيلي پيرا 2 ۾:

(i) شق (i) جي ڪالم 2 ۾ لفظ "ٽيهه پئسا" لاءِ لفظ "نوي پئسا" ۽ لفظ "پندرنهن پئسا" لاءِ لفظ "پنجيتاليهه پئسا" کي متبادل ٻڌايو ويندو.

(ii)شق (ii) جي ڪالم 2 ۾ لفظ "ست پئسا" لاءِ لفظ "هڪ رپيو ۽ اسي پئسا" ۽ لفظ "ٽيهه پئسا" لاءِ لفظ "نوي پئسا" کي متبادل ٻڌايو ويندو.

(2)پيرا B جي ذيلي پيرا (1) ۾:

(a)شق (i) جي ڪالم 2 ۾ لفظ "پنجاهه پئسا" لاءِ لفظ "هڪ رپيو ۽ پنجاهه پئسا" کي متبادل ٻڌايو ويندو.

(b) شق (ii) جي ڪالم 2 ۾ لفظ "هڪ رپيو" لاءِ لفظ "ٽي رپيا" کي متبادل ٻڌايو ويندو.

(3)پيرا C ۾:

(a)شق (a) جي ڪالم 2 ۾ لفظ "پنج پئسا" لاءِ لفظ "پندرنهن پئسا" کي متبادل ٻڌايو ويندو.

(b)شق (b) جي ڪالم 2 ۾ لفظ "پنجويهه پئسا" لاءِ لفظ "پنجهتر پئسا" کي متبادل ٻڌايو ويندو.

(4)پيرا D جي ڪالم 2 ۾ لفظ "پنج پئسا" لاءِ لفظ "پندرنهن پئسا" کي متبادل ٻڌايو ويندو.

(5)پيرا E ۾:

(a)شق (i) جي ڪالم 2 ۾ لفظ "ڏهه پئسا" لاءِ لفظ "ٽيهه پئسا" ۽ لفظ "پنج پئسا" لاءِ لفظ "پنجاهه پئسا" کي

متبادل بڻايو ويندو.

(b) شق (ii) جي ڪالم 2 ۾ لفظن "ويهه پئسا" لاءِ لفظن "ست پئسا" ۽ لفظن "ڏهه پئسا" لاءِ لفظن "ٽيهه پئسا" کي متبادل بڻايو ويندو.

(c)شق (iii) جي ڪالم 2 ۾ لفظن "چاليهه پئسا" لاءِ لفظن "هڪ رپيو ۽ ويهه پئسا" ۽ لفظن "ويهه پئسا" لاءِ لفظن "ست پئسا" کي متبادل بڻايو ويندو.

1977 جي سنڌ آرڊيننس XVII جي منسوخي
Repeal of Sindh Ordinance XVII of 1977

6. ڪورٽ فيس (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1977 کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو.

1978 جي سنڌ آرڊيننس XIII جي ترميم
Amendment of Sindh Ordinance XIII of 1978

7. ڪورٽ فيس (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1978 ۾ لفظن "پنجويهه هزار رپيا" لاءِ لفظن "پنجاهه هزار رپيا" کي متبادل بڻايو ويندو.

وڊيو فلم ڊيلر لاءِ لائسنس
License for Video Film Dealer

8. (1) ڪو به شخص سواءِ لائسنس جي وڊيو فلم ڊيلر نه ٿيندو يا اهو روزگار نه ڪندو، جيڪو وڊيو فلمون خريد ڪرڻ يا وڪرو يا پاڙي تي ونڊ يا ڏيڻ جو ڪم ڪندو هجي.

(2) ذيلي دفعه (1) تحت لائسنس اهڙي اٿارٽي طرفان اهڙي طريقي جاري ڪيو يا نئون ڪيو ويندو، اهڙين شرطن ۽

ضابطن موجب جيئن بيان ڪيو ويو هجي، اهڙي فيس جي ادائگي تي جيڪا شيڊول ۾ بيان ڪئي وئي هجي.

ڏنڊ
Penalty

9. جيڪو به دفعہ 8 جي گنجائشن جي پيڇڪاڙي ڪندو اهو لائسنس فيس کان اضافي ڏنڊ جو حقدار هوندو، جيڪو ڏنڊ اهڙي فيس جي رقم کان وڌيڪ نہ هوندو.

سول عدالتن ۾ مقدمن تي پابندي
Bar of Suits in Civil Court

10. هن ايڪٽ ۽ ان سلسلي ۾ جوڙيل قاعدن موجب لڳايل فيس يا دفعہ 9 تحت مڙهيل ڪنهن ڏنڊ جي سلسلي ۾ ڪنهن سول ڪورٽ ۾ ڪو مقدمو نہ ٿيندو.

قاعدا جوڙڻ جو اختيار
Power to make rules

11. حڪومت هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي.

شيڊول

(ڏسو دفعہ 8)

(1) وڊيو فلم ڊيلرز لاءِ لائسنس فيي.

لائسنس فيي	نئون ڪرڻ جي فيي
2,000/= رپيا ساليانو	500/= رپيا ساليانو

نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي